ٻارن لاءِ ’درس لطيف‘ جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پنجون)

سهيڙيندڙ
ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار
تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ.
2012ع

## Contents

هن ڪتاب بابت ........ 4
پنهنجي پاران ........ 5
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو ........ 7
مومل راڻي جي ڪهاڻي ........ 9

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (190)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب پنجون)

| | |
|---|---|
| سهيڙيندڙ: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| صلاحڪار: | تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | سيپٽمبر 2012ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | 50/= روپيا |

**Catalogue Reference**
Dr. Fahmida Hussain
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-9098-95-6

هيءُ ڪتاب، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد جي مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو.

ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | First |
| Year: | September 2012 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 50 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Printed by: | Pakeeza Printers, Hyderabad. |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرز پاڪيزه پرنٽرز حيدرآباد کان ڇپائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

## هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان ”سُرمومل راڻي“، ”سُر سهڻي“ ۽ ” سَسئيءَ جي پنجن سرن“ مان ڪجهہ چونڊ بيت ڏنا ويا آهن.

- سر مومل راڻي ۾، ”مومل ۽ راڻي“ جي ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾، راڻي جي روپ ۾ انساني ڪردار ۾، سورهيائي ۽ ڏاهپ جهڙا موضوع آهن تہ ٻئي طرف مومل جي وڇوڙي ۽ وري ملڻ جي اميد جي ڪيفيت پڻ هن ڪتاب جو موضوع آهي.

- سُر سهڻيءَ ۾ سنڌو درياهہ جي موج ۽ مستيءَ واري زماني ۾ اُن جي دهشت ۽ ان سان تعلق رکندڙ ماحول جي عڪاسي ٿيل آهي. اهڙي ماحول ۾ ”سهڻي ميهار“ واري واقعي جي سورمي سهڻيءَ جي همت ۽ بي ڊپائيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي.

- ”سسئي پنهونءَ“ جي داستان ۾ وري ڪيچ مڪران جي شهزادي پنهونءَ ۽ سنڌ جي سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾ اُن دور جي وٽج ۽ واپار، طبقاتي اوچ نيچ، سسئيءَ جي جابلو سفر جي ڏکن ۽ تڪليفن جو ذڪر ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل بيتن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ عورت کي پنهنجي روايتي وفا ۽ سچائيءَ واري ڪردار ۾ ڏيکاريو آهي.

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سنڌن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪڍندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو قومي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، نہ صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ سموري دنيا جي وڏن شاعرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. **'شاهہ جو رسالو'** هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لازمي طور هوندو آهي ۽ وڏي عمر جا مرد ۽ عورتون ان مان ڪيترائي بيت پهاڪن ۽ چوڻين طور پيا ورجائيندا آهن، پر ڪجهہ وقت کان نوجوان نسل ۾ اهو تاثر اُڀريو آهي تہ شاهہ لطيف جي ٻولي ڏکي آهي ۽ ڪين اها گهٽ سمجهہ ۾ ٿي اچي. منهنجي خيال ۾ ان جو سبب اهو آهي، جو اسان ٻارن کي ننڍي هوندي کان شاهہ لطيف ۽ سندس ڪلام جي باري ۾ مناسب ساڃاهہ ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. جيڪڏهن اسين ڪڇيءَ کان ڪين شاهہ جا بيت ٻُڌايون ۽ ٻار جي عمر کي ڌيان ۾ رکي، درجيبندي ڪري پهرين سؤلا ۽ پوءِ آهستي آهستي ڳوڙهي معنيٰ رکندڙ بيت سندن ڪنن ۾ وجهون ۽ انهن جي معنيٰ کين سمجهايون تہ وڏو ٿي ڪوبہ نوجوان ائين ڪونہ چوندو تہ شاهہ جي ٻولي ڏکي آهي. ٻوليءَ کان اڳتي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ معنيٰ جا موتي وکريا پيا آهن. اعليٰ انساني اخلاقي قدرن، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ سان گڏ دنيا ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ جا سبق پريا پيا آهن. ضروري آهي تہ پنهنجن ٻارن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ اهي ڪين پڙهايا وڃن.

ڪجهہ ڏينهن اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾

چوٿين ڪان اٺين ڪلاس تائين **’شاهه لطيف‘** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ پاڻ ڪجهه ڪتاب به تيار ڪرايا هئائون، جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا آهن. وري هاڻي تازو پاڻ اها خوشخبري به ٻڌايائين ته سنڌ حڪومت به اصولي طور اها ڳالهه قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **”درسِ لطيف“** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان اسان بهتر سمجهيو ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي به سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهه لطيف جي ساڃاهه پيدا ڪرڻ جي مقصد سان **”درسِ لطيف“** ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا آهن. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏئي، ٻارن ۾ ڪنهن نه ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ آءُ محترم پروفيسر سيد شير شاهه ۽ محترم پروفيسر تاج جويي جي ٿورائتي آهيان، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

مون کي اميد آهي ته هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهه لطيف جي ساڃاهه پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ـ ڊاڪٽر فهميده حسين**

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام واري ڪتاب کي ”شاهہ جو رسالو“ چيو ويندو آهي. هن رسالي ۾ 30 سُر آهن. انهن کي سُر ان ڪري ٿا چون, جو اهو ڪلام موسيقيءَ جي سرن تي ٻڌل آهي ۽ انهيءَ کي ڳايو ويندو آهي. انهن مان سڀ کان پهريون سُر ”سر ڪلياڻ“ آهي. ”ڪلياڻ“ جو مطلب آهي سُک ۽ شانتي. هن سر ٻڌڻ سان دل کي خوشي ۽ روح کي راحت ملي ٿي.

سر ڪلياڻ الله سائينءَ جي ساراهہ سان شروع ٿئي ٿو جيڪو هن دنيا جو خالق ۽ مالڪ آهي. ان ڪانپوءِ هن سُر ۾ اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي مبارڪ ذات جا ڳڻ بہ بيان ڪيل آهن, جنهن اسان تائين الله سائينءَ جو پيغام پهچايو.

شاهہ جي رسالي جا ٻيا سُر هي آهن:

”سُريمن ڪلياڻ“, ”سُرکنڀات“, ”سُر سريراڳ“, ”سُرساموندي“ ”سُر سهڻي“, ”سُر سسئي آبري“, ”سُرمعذوري“, ”سُرديسي“, ”سُرڪوهياري“, ”سُر حسيني“, ”سُرليلان چنيسر“,سُرمومل راڻو“, ”سُرمارئي“, ”سُرڪاموڏ“, ”سُرگهاتو“, ”سُرسورٺ“, ”سُرڪيڏارو“, ”سُرسارنگ“, ”سُرآسا“, ”سُررپ“, ”سُرکاهوڙي“, ”سُربروو سنڌي“, ”سُررامڪلي“, ”سُرڪاپائتي“, ”سُرپورب“, ”سُرڪارايل“, ”سُرپرڀاتي“, ”سُرڏهر“۽ ”سُربلاول“.

مٿي بيان ڪيل سُرن مان ڪيترائي سر سنڌ جي لوڪ قصن ۽ انهن جي ڪردارن تي ٻڌل آهن. سر سهڻي مشهور لوڪ قصي ”سهڻي ميهار“ تي; سرسسئي آبري, سر معذوري, سرديسي, سرڪوهياري, سرحسيني- پنج سُر, مشهور لوڪ قصي ”سسئي پنهونءَ“ تي, سر ليلان چنيسر لوڪ قصي, ”ليلان چنيسر“ تي, سر مارئيءَ ”عمر مارئيءَ“ تي; سرمومل راڻو ”مومل راڻي“ تي, سرڪاموڏ, ”نوري ڄام تماچيءَ“ تي ۽ سُر سورٺ, ”سورٺ راءِ ڏياچ“ جي مشهور لوڪ قصن تي ٻڌل آهن. شاهہ صاحب پنهنجي پيغام کي سمجهائڻ لاءِ انهن قصن کي مثال بنايو آهي, ڇو تہ سنڌ ۾ اهي قصا عام ماڻهن ۾ اڳئي مشهور هئا ۽ اڄا تائين بہ مشهور آهن.

شاهہ صاحب جيئن تہ هڪ شاعر هئڻ سان گڏ, سنڌي ماڻهن جو رهبر ۽ رهنما بہ آهي, ان ڪري سندس ڪلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ مختلف عالمن سندس رسالي جا ڇاپا ڪڍيا ۽ پنهنجي طرفان ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون سمجهاڻيون لکيون. انهن

رسالن مان ڪي هي آهن:

سڀ کان پهرين شاهه صاحب جي وفات کانپوءِ سندس فقيرن جي يادگيريءَ جي مدد سان تيار ڪيل رسالي کي "گنج شريف" چيو وڃي ٿو ان کانپوءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شهواڻي، علامه آءِ. آءِ قاضي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ٻانهي خان شيخ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙن عالمن شاهه جي رسالي جا مختلف نسخا ترتيب ڏئي ڇپرايا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي هن رسالي ۾ مختلف سُرن ۾ ڌار ڌار موضوعن تي بيت چيا آهن، جيڪي سڀئي اسان جي رهنمائي ڪندڙ آهن.

انهن موضوعن ۾ توحيد، رسالت، امامت، عدالت ۽ قيامت، حب الوطني، جدوجهد، قرباني، مستقل مزاجي، خودداري، عاجزي ۽ پڇتاءَ جهڙا موضوع شامل آهن. شاهه جي رسالي ۾ شاهه صاحب سنڌ سان پنهنجي محبت جو ثبوت ڏيندي، اُن جي ماڻهن، سندن رهڻي ڪهڻي، سوچ ويچار ۽ سياسي سماجي حالتن جو چٽو عڪس پيش ڪيو آهي. ان کانسواءِ هتان جا ماڳ مڪان، تاريخي اهڃاڻ ۽ اعليٰ شخصيتون پڻ هن رسالي ۾ موجود آهن. ائين ڪرڻ سان شاهه صاحب نه صرف انهن جي اهميت سان بيان ڪيو آهي، پر اسان کي انهن جي باري ۾ سڻي ڄاڻ ڏني آهي.

"شاهه جو رسالو" سنڌ جي ماڻهن لاءِ ايترو اهم آهي، جو اهو لازمي طور هر گهر ۾ موجود هوندو آهي ۽ اسان جا بزرگ، خاص ڪري وڏڙيون عورتون، ڳالهه ٻولهه ۾ ان جا بيت ڏينديون آهن ۽ انهن بيتن مان ڪيتريون سٽون سنڌي ٻوليءَ ۾ چوڻين طور استعمال ڪيون وينديون آهن.

# مومل راڻي جي ڪهاڻي

مومل، راجا نند نالي هڪ بادشاهہ جي ڌيءَ هئي، جيڪو ميرپور ماٿيلي جو راجا هو. راجا نند کي ڪل نَوَ ڌيئرون هيون، پر مومل انهن مان سڀني کان سونهن ۾ سرس ۽ سومل وري سڀني کان سياڻپ ۾ وڌيڪ هئي. راجا نند وٽ ڪنهن جانور جو طلسمي ڏند هو جنهن جي جادوءَ تي هو درياهہ جي پيٽ ۾ پنهنجو خزانو پوري چڏيندو هو. هڪ ڀيري ڪو جادوگر، پينو فقير جو روپ وٺي راجا جي غير موجودگيءَ ۾ اهو طلسمي ڏند مومل کان دوکي سان حاصل ڪري ويو ۽ پوءِ بادشاهہ جو درياهہ ۾ لڪل سمورو خزانو ڪڍي چورائي ويو.

اها خبر جڏهن راجا نند کي پيئي تہ مومل تي ڏاڍو ناراض ٿيو پر سومل جي سياڻپ مومل کي مهلت ڏياري ۽ پيءُ کي ان کان وڌيڪ خزاني ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. سومل جادوءَ جي ڪمن ۾ گهڻي هوشيار هئي، سو ويهي ويچار ڪيائين تہ ڪو اهڙو منڊ منڊجي، جو خزانو هٿ ڪري سگهجي. اها سٽ سٽي، پينرن، ٻانهين ۽ نوڪرياڻين کي ساڻ ڪري ميرپور ماٿيلو ڇڏي، جيسلمير ويجهو لڊاڻي شهر ڀرسان ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي وچي هڪ طلسمي رنگ محل نهرايائين. هن محل جي چوڌاري هڪ پرڪشش باغ رکرايو ويو. هن باغ ۾ اهڙا ورن وڪڙن وارا ڏکيا رستا نهرايا ويا، جو هڪ ڀيرو جيڪڏهن ڪو ڦلجي پيو تہ پيهر ان کي واٽ ملڻ مشڪل ٿي ٿي پئي. محلات جي مُهڙ وٽ وري هڪ شيشي جو تلاءُ نهرايو ويو جنهن ۾ طلسمي پاڻيءَ جو وهڪرو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. محلات جي چئني طرفن کان جادوئي جانورن جي آوازن ماڻهن جي مت منجهائي ٿي ڇڏي. مهمان خاني ۾ هڪ جهڙيون کٽون رکيل هيون، جن مان هڪ پڪي سُٽ جي ۽ باقي ڪچي سُٽ جون واڻيل هيون. کٽن جي هينان گهرا ۽ خوفناڪ کوهہ کوٽيل هئا، جن جي تري ۾ لوهي ڪِل لڳل هئا.

مومل جي سُونهن جو ٻڌي گهڻائي شوقين شهزادا ڏيساور ڏوري مومل ماڻڻ لاءِ ايندا هئا. انهن ۾ هڪ راڻو مينڌرو بہ هو. راڻو نهايت هوشيار ۽ بهادر شخص هو. هڪ ڏينهن اهو مومل ماڻڻ لاءِ لُڊاڻي اچي پهتو. راڻي جي پهرين ملاقات مومل جي خاص ٻانهيءَ ناتر سان ٿي. ناتر راڻي کي ڀلائڻ لاءِ طرحين طرحين جون چالبازيون ڪيون، پر راڻي جي سياڻپ کان بچي نہ سگهي. آخرڪار راڻو پنهنجي سياڻپ ۽ سورهيائيءَ سان ڪاڪِ جو سمورو طلسمي ماحول پار ڪري وچي مومل وٽ پهتو. ايئن هنن ٻنهي جي شادي ٿي وئي.

ڪجھ عرصو مومل سان گڏ رهڻ ڪان پوءِ، مومل کي واپس ورڻ جا اقرار انجام ڏئي راڻو پنهنجي وطن واپس وريو. جڏهن پنهنجي ملڪ ڍٽ پهتو تہ ڍٽ جي حاڪم هَمير سومري، راڻي کي قيد ڪري ڇڏيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڪن چڱن جي چوڻ تي بادشاھ همير راڻي کي قيد مان آزاد ڪيو.

هڪ رات راڻو وجھ وٺي مومل جي ماڙيءَ تي پهتو تہ ڏٺائين تہ مومل سان گڏ هڪ شخص مرداڻي ويس ۾ ستل هو. ان تي راڻو پنهنجو لڪڻ مومل جي پير ۾ نشانيءَ طور رکي واپس ڍٽ موٽي ويو.

دراصل ان رات مومل جي ڀيڻ سومل مردانا ڪپڙا پائي ساڻس گڏ سُتي هئي، صبح جو جڏهن مومل جاڳي تہ پنهنجي پرسان لڪڻ ڏسي هڪدم سمجهي وئي تہ راڻو رات آيو هو ۽ سومل کي مرداڻي ويس ۾ غير مرد سمجهي رُسي ويو آهي. پوءِ تہ راڻي ڪيترائي قاصد موڪليائين، پر رنل راڻو نہ موٽيو.

نيٺ مومل ڪان وڏيڪ اوسيئڙو سَٺو نہ ٿيو سو اتڪل ڪري ويس بدلائي وڃي راڻي جي ملڪ پهتي ۽ ڪنهن حيلي بهاني راڻي کي سچي حقيقت ٻڌايائين، پر راڻو نہ پرتو. جڏهن مومل راڻي جي پرچائڻ جا سڀ حيلا وسيلا هلائي چُڪي ۽ راڻو راضي نہ ٿيو تہ مايوس ٿي وئي. پوءِ حالتون اهڙيون وڃي ٿيون جو پهرين مومل ۽ پوءِ راڻي هڪ ٻئي پٺيان موت قبول ڪيو.

بيت: 1

## ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وئا، لُونو لُڊاڻو،
## تو پُڄاڻا سُپرين، آتڻ اُجهاڻو،
## مُيُن سين ماڻو، ناهِ مُناسب مينڌرا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪاڪِ: | نديءَ ۾ شهر جو نالو | آتڻ: | اگڻ، سُٽ ڪتڻ لاءِ جاءِ، آستانو |
| ڪڙهي: | ٻري، سڙي | | |
| وڻ وئا: | وڻ ختم ٿي ويا، سڙي ويا | اُجهاڻو: | وساڻو ختم ٿيو |
| لونو: | سڙي ويو، تباهہ ٿي ويو | مُين: | مُئل عورتن، اڌ ڪُٺلن |
| لڊاڻو: | شهر، راجستان جو شهر لڊاڻو | ماڻو: | نخرو، ناز، انگل |
| پڄاڻان: | کان پوءِ | مناسب: | جائز، ٺهندڙ |
| سپرين: | محبوب، پرين، پيارو، سڄڻ، دوست | مينڌرا: | راڻي جو نالو (راڻو) |

بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرمومل راڻي“مان کنيو ويو آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ راڻي جي رسي وڃڻ کان پوءِ ڪاڪ جو شهر برباد ٿي ويو آهي، وڻ سُڪي ويا آهن، مومل جو آستانو بہ برباد ٿي ويو آهي. مومل جي لاءِ ڪاڪ ۾ سُڃَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، تنهنڪري مومل راڻي کي منٿ ڪندي چوي ٿي تہ: اي راڻا! تنهنجي فراق ۽ جدائيءَ ۾ آءٌ تہ جيئري ئي مري ويئي آهيان ۽ مئلن سان هن طرح جو ورتاءُ تو جهڙي شخص کي ڪرڻ نٿو جڳائي.

بيت: 2

**نَئون نِياپو آئيو، راڻي مُلا راتِ،**
**لڏِيسون لطيف چَئي، ڪَنان ڏاتر ڏاتِ،**
**کهڙي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا سي اَگهيا.**

| | |
|---|---|
| **نياپو :** پيغام | **ڏاتر :** سخي، ڏيڻ وارو الله سائين |
| **مُلا:** وٽان | **ڏات:** قدرتي صلاحيت |
| **لڏيسون:** اسان لڌي | **اگهيا:** قبول پيا |
| **ڪنان:** ڪان | |

بيت جي سمجهاڻي

**هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرمومل راڻي“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائين چوي ٿو تہ راڻي وٽان رات اسان کي هڪ نئون پيغام مليو آهي، جنهن مان معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ وٽ قبول پوڻ لاءِ، ڪنهن ذات پات جي ضرورت نٿي پوي. هن جي اڳيان سڀ برابر آهن، جيڪو سندس حضور ۾ ويندو، اهو قبول پوندو.**

●●●

# مشق

**هنن بيتن ۾ راڻي کي ڏيپ علائقي جو رهندڙ سڏيو ويو آهي، جيڪو هڪ معتبر شخص آهي. هو مومل کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي صلاحيتن سان ڪامياب ٿيو ۽ مومل ماڻيائين، پر غلط فهميءَ سبب جڏهن مومل کان رٺو ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو.**

سوال:

1. **راڻو ڪهڙي علائقي جو رهندڙ هو؟**
2. **راڻي جي رسڻ کان پوءِ ڪاڪ جي ڪهڙي صورت حال هئي؟**
3. **الله سائين وٽ قبول پوڻ لاءِ ڪهڙي ڳالهه جي ضرورت آهي؟**

نوٽ: **ڏنل بيتن مان قافين جا ڪجهه لفظ لکجن ٿا. بيت پڙهي قافيا ڳولي لکو؟**

(1) **لڏاڻو** (2)................ (3)................

(4) **رات** (5)................ (6)................

(7) **عقل** (8)................

نوٽ: **مومل جي ڪردار تي مختصر نوٽ لکو:**

بيت: 3

## سوڍا صبرُ تُنهنجو، بي عَقُلن عَقل،
## آهي اَنگ اَمُل، ماٺِ تنهنجي مينڌرا!

| | | | |
|---|---|---|---|
| سوڍا: | نالو راڻي جي ذات | اَملُ: | قيمتي، بي بها |
| صبر: | خاموشي، تحمل | ماٺ: | خاموشي، چُپ |
| بي عقل: | بنا عقل وارا، بيوقوف | مينڌرو: | راڻو، نالو |
| انگ: | ڏانءُ، هنر، حرفت | | |

بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سر مومل راڻي“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ: راڻي سوڍي جو چپ چاپ موٽي وڃڻ ۾ ڪاوڙ ڪرڻ بدران صرف نشاني رکي وڃڻ، سندس صبر ۾ سهپ کي ظاهر ڪري ٿو. راڻي جو اهو صبر ۽ سهپ هڪ بي بها گڻ آهي، جيڪو مومل جهڙي بي عقل کي بہ عقل ڏئي ٿو. مومل راڻي جي جدائيءَ مان اهو سبق حاصل ڪري ٿي، تہ راڻي جو ڪو ڏوھ ڪونهي، پر مومل پاڻ ئي اهڙو سبب پيدا ڪيو جو راڻي کي غلط فهمي ٿي. مطلب تہ سوڍي جو صبر ۽ ماٺِ مومل لاءِ عقل ۽ نصيحت پرائڻ جو سبب ثابت ٿئي ٿو.

•••

# سهڻي ميهار جو قصو

سُهڻي هڪ ڪنڀر جي ڌيءَ هئي. ننڍڙي هوندي  کان ئي سونهن ۾ سِپني کان سرس هئي. جيئن وڏي ٿيندي وئي، تيئن سندس حسن بہ هيڪاري وڌندو ويو. سندس انهيءَ سونهن جي ڪري کيس ’سهڻي‘ سڏيندا هئا.

انهيءَ زماني ۾ هڪ واپاري عزت بيگ بخارا مان واپار سانگي اچي سهڻيءَ جي شهر ۾ ٽِڪيو. هڪ ڏينهن ٿانون وٺڻ جي لاءِ عزت بيگ جڏهن ڪنڀر جي گهر پهتو تہ سهڻيءَ کي ڏسندي ئي اها کيس وڻي وئي، سو وطن ورڻ جو خيال لاهي اتي ئي ٽِڪي پيو. سهڻيءَ جي پيءُ کان مهانگا ٿانوَ خريد ڪري سستي اگهہ تي کپائيندو رهيو. اُن ڪري ڪاروبار ۾ کيس چڱو  خاصو نقصان ٿيو ۽ ڪنڀر جو هن تي قرض چڙهي ويو. سهڻيءَ جي پيءُ قرض جي عيوض هن کي پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو ۽ هو  سهڻيءَ جي پيءُ  جون مينهون چارڻ لڳو. ان ڪري مٿس ”ميهار“ نالو پئجي ويو.

سهڻيءَ ۽ ميهار جي ملڻ  جي خبر ماڻهن ۾ چوٻول پيدا ڪيو. سهڻيءَ جي پيءُ ماڻهن جي ڳالهين کان بچڻ لاءِ سهڻيءَ جو رشتو زبردستي سندس سوٽ ڏَمَ سان ڪري ڇڏيو. سهڻي ويچاري گهٽوئي رني رڙي، پر وريس ڪجهہ بہ ڪو نہ. هوڏانهن ميهار درياهہ جي ٻئي پر فقيراڻو ويس ڪري دونهين دُکائي وڃي  ويهي رهيو. پوءِ بہ سهڻي ۽ ميهار جو هڪٻئي سان ملڻ جلڻ هلندو رهيو.

سهڻي سياري توڙي اونهاري، درياهہ تري وڃي ميهار وٽ پهچندي هئي. ميهار سان ملڻ جي شوق ۾ کيس درياهہ جي دهشت کان بہ خوف نہ ٿيندو هو. ساهرن کي جڏهن رات جي اونداهين ۾ درياهہ پار ڪري، ميهار سان ملڻ جي خبر پئي تہ انهن کيس سختيءَ سان منع ڪيو.  پر سهڻي نہ مڙي، سو هڪ ڏينهن انهن سندس ترڻ واري  پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچوگهڙو رکي ڇڏيو. رات جو سهڻي معمول مطابق ترندي جڏهن وچ سير ۾ پهتي تہ ڪچو گهڙو پرڻ لڳو.  پر هن همت نہ هاري.  ڪجهہ وقت ٻانهن جي ٻل تي ترندي وئي. نيٺ جڏهن بيحال ٿي ٻڏڻ لڳي تہ دانهون ڪوڪون ڪيائين ۽ ميهار کي پڪاريائين.

ميهار جو اڳ ۾ ئي سهڻيءَ جي انتظار ۾ هو. تنهن کي جڏهن سهڻيءَ جا سَڏ ڪَن تي پيا ۽ ڏٺائين تہ سهڻي ٻڏڻ تي آهي تہ ملاحن کي مدد لاءِ ڏاڍيون ميڙون منٿون ڪيائين، پر طوفان سبب ملاحن جواب ڏنس آخر ميهار پيو ڪو چارو نہ ڏسي پاڻ درياهہ ۾ گهڙي پيو ۽ تري وڃي سهڻيءَ کي رسيو. وچ سير ۾ ٻنهي جي ٻانهن جي سگهہ ختم ٿي وئي تہ ٻئي گڏجي ٻڏي درياهہ ۾ هڪ ٿي ويا.

بيت: 1

## **گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي،**
## **مَئي مَتي مَهراڻَ ۾، پَئُ ٽِپو ڏيئي،**
## **تہ ميهار مليئي، سَنيوڙو سيڻاهَ سين!**

| | |
|---|---|
| مئي متي: پريل، تارون تار | سيڻاهہ: ترڻ لاءِ ٻڪريءَ جي کل جي ٿهيل مشڪ، سهارو |
| مهراڻ: سنڌو درياهہُ | |
| سنيوڙو: تيار، هڪيو تڪيو | سين: سان |

بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرسهڻيءَ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ صاحب سهڻيءَ کي نصيحت ڪئي آهي تہ درياهہ ۾ گهڙڻ سان ئي منزل تي رسي سگهندينءَ. اُن ڪري تارؤن تار وهندڙ درياهہ ۾ ٽپي پئہ. اُتي تنهنجو ميهار توکي پار اُڪارڻ لاءِ سهاري سان تيار ملندئي. هن بيت ذريعي شاهہ سائين اسان سڀني کي پيغام ڏنوآهي تہ جيستائين اسين ڪنهن ڪم جو سعيو نہ ڪنداسين، تيسين ان ۾ اڳتي پار ڪيئن پونداسين! . هڪ ڀيرو همت ڪري ڪم شروع ڪبو تہ پوءِ ”همت مردان، مدد خدا“ وانگر الله سائين بہ ضرور مدد ڪندو.

●●●

بيت: 2

## جان جان هئي جيئري، وِرچي نہ ويڻي،
## وڃي پُونءِ پيڻي، سارينديُ ڪي سڄڻين!

| | | | |
|---|---|---|---|
| جان جان: | جيستائين | پيڻي: | پيئي، گهڙي ويئي |
| جيئري: | زندهہ | ساريندي: | ياد ڪندي |
| ورچي: | ٿڪجي، بيزار ٿي، ڪڪ ٿي | سڄڻين: | سڄڻ ڪي، دوست ڪي |
| پونءِ: | زمين، ڌرتي | | |

بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ”سر سهڻيءَ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ صاحب سهڻيءَ جي حوصلي ۽ سڪ جي ساراهہ ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هوءَ جيستائين زنده هئي، ڪڪ يا بيزار ٿي ويهي ڪا نہ رهي ۽ ميهار کي ياد ڪندي رهي ۽ ان کي ياد ڪندي نيٺ وڃي زمين جو ترو ورتائين. هن بيت مان اسان کي شاهہ صاحب اهو سبق ڏنو آهي تہ جيسيتائين ساهہ آهي، ماڻهو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ۽ ڪڏهن بہ ڪڪ ٿي ويهي نہ رهي.

●●●

## مشق

**هنن بيتن ۾ سهڻي ميهار جي قصي جي حوالي سان شاهہ صاحب اسان کي همت، حوصلي، قرباني ۽ ٻي ڏيپائيءَ سان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سهڻا سبق سيکاريا آهن ۽ زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ جا ڏس ڏنا آهن.**

سوال 1: **شاهہ صاحب مقصد ۾ ڪاميابيءَ لاءِ ڪهڙو ڏس ڏنو آهي؟**

2. **سهڻي ميهار جي قصي مان اسان کي ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟**

**ڏنل بيتن مان قافين وارا ڪجهہ لفظ لکجن ٿا. بيت پڙهي قافين وارا لفظ لکو.**

| | |
|---|---|
| (1) **گهڙيا** | (2)..................... |
| (3) **وينئي** | (4)..................... |
| (5)**ڏيئي** | (6)..................... |

نوٽ: **سنڌو درياهہ تي مختصر نوٽ لکو:**

●●●

# سسئي پنھونءَ جو قصو

سسئي اصل ۾ هڪ ٻانڀڻ جي ڌيءَ هئي، جنھن کي مائٽن ڄمندي ئي ڪاٺ جي صندوق ۾ بند ڪري درياھ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو. جيڪا ڀنڀور جي پرسان، ڪناري تي شھر جي هڪ ٻي اولاد ’محمد ڪٺيءَ‘ کي هٿ آئي. جيئن تہ هوءَ چوڏهينءَ جي چنڊ جھڙي سھڻي هئي، ان ڪري مٿس نالو رکيائون ”سسئي“: جنھن جي معنيٰ آهي چنڊ.

سسئيءَ جي سونھن جي واڪاڻ ڪيچ جي حاڪم آري ڄام جي پٽ پنھونءَ تائين وڃي پھتي. پنھون هڪدم واپاري ويس ڪري هڪ وڏو واپاري قافلو ساڻ ڪري اچي ڀنڀور پھتو، جتي هن سسئيءَ کي ڏٺو ۽ سندس سھڻي صورت ايتري وڻي ويس، جو هن سندس مائٽن کان وڃي سڱ گھريو. سسئيءَ جي مائٽن سسئيءَ جو سڱ پنھونءَ سان طئہ ڪيو ۽ شادي ڪيائون. پنھونءَ جا ڀائر ۽ ساٿي جيڪي ساڻس قافلي سان گڏجي آيا هئا، تن ڪيچ موٽي وڃي آري ڄام کي پنھونءَ جي سسئيءَ سان شاديءَ بابت ٻڌايو. آري ڄام پنھنجي پٽن کي چيو تہ ڪو حيلو وسيلو ڪري پنھونءَ کي واپس وٺي اچو.

جڏهن پنھونءَ جا ڀائر پھتا تہ سسئي ۽ پنھونءَ سندن ڏاڍو آڌر ڀاءُ ڪيو. ڪين ان ڳالھ جي خبر ئي ڪانہ هئي تہ پنھونءَ جي ڀائرن جي من ۾ ڇا هو. هڪ رات گھڻيءَ دير تائين پنھون ٻاهر اوطاق ۾ ڪچھريءَ ۾ مشغول رهيو. سسئيءَ ويچاريءَ کي پنھونءَ جي اوسيئڙي ۾ جاڳندي جاڳندي ننڊ اچي ويئي. هوڏانھن وري ڀائر پنھونءَ کي نشو ڏيئي، آڌي رات ڪانپوءِ بي خبريءَ جي حالت ۾ اُٺن تي چاڙهي ڪيچ روانا ٿي ويا.

رات جي پوئين پھر ۾ سسئيءَ جي اک کلي تہ پنھونءَ کي پلنگ تي نہ ڏسي، حيران ۽ پريشان ٿي وئي. ڏٺائين تہ اوطاقون ۽ اوتارا سڀ ويران پيا آهن. معلوم ٿيس تہ ڏير هن کي دوکو ڏيئي. پنھونءَ کي زوريءَ پاڻ سان گڏ وٺي ويا آهن. پوءِ تہ وٺي گھوڙا گھوڙا ڪيائين. مائٽن مٿن جھليس پر هوءَ اڪيلي اٺن جا پيرا ڪڻندي پنھونءَ پنيان ڪاهيندي وئي. اهڙي طرح منزلون

ڪندي ڪيچ ڏانهن رواني ٿي. رستي ۾ هڪ ڏنار کان پنهونءَ جو ڏس پتو پڇيائين. سسئيءَ جي سهڻي صورت ڏسي اُن ڏنار جي دل مٿس هِرڪجي پئي ۽ سسئيءَ تي بري نظر وجهڻ لڳو. سسئي پاڻ کي جوکي ۾ سمجهي وٺي زار زار رُني. سسئيءَ جي انهيءَ رئڻ زمين کي ڏاري وڌو. چون ٿا تہ زمين ڦاٽي ۽ اڌ ٿي پئي ۽ سسئي اُن ۾ پورجي ويئي، پر سسئيءَ جي چنيءَ جو پاند ٻاهر رهجي ويو. ڏنار هيءَ قدرتي ماجرا ڏسي ڏاڍو پڇتايو ۽ رئندي رئندي سسئيءَ جو پلئہ پڪڙي ويهي رهيو.

هوڏانهن جڏهن پنهون هوش ۾ آيو تہ ڀائرن کان ڀڄي واپسيءَ جو رستو ورتائين. رستي ۾ ڏنار کي ويٺل ڏٺائين تہ اُن کان اتي ويهڻ ۽ تازي قبر بابت ڄاڻ ورتائين. ايتري ۾ نظر وڃي سسئيءَ جي چُنيءَ جي پاند تي پيس. پوءِ روئندي ڏٽيءَ در سوال ڪيائين. مالڪ کي ٻاجهہ پئي، زمين ڦاٽي ۽ پنهون بہ وڃي سسئيءَ سان مليو.

●●●

بيت: 1

**ڪيچان آيو قافلو، طَرَح موچاريءَ توڏ،**
**سينگاريائون سَيد چَئي، ڪَرَها مَنجهان ڪوڏَ،**
**لَڪ لَهي ٿِي لوڏ، جيجان تن جَتَن جي.**

**ڪيچان:** ڪيچ علائقي کان، ڪيچ، بلوچستان جي شهر جو نالو
**قافلو:** اٺن جون قطارون، جن تي ماڻهو سوار هجن
**طرح:** نمونو، طرز
**موچاري:** ڀلي، چڱي، سٺي
**توڏ:** توڏو (اٺ جو ڦر)، ننڍو اُٺُ
**سينگاريائون:** خوبصورت بڻايائون
**ڪرهو:** اٺ
**ڪوڏَ:** لاڏ، پيار، هيج
**لوڏ:** انداز، نمونو، طريقو
**جيجان:** جيجل ماءُ
**جت:** ذات (اٺن وارا)

بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۾ سسئي پنهونءَ جي داستان بابت چيل ’سر ديسيءَ‘ مان چونڊيو ويو آهي. شاهہ صاحب سسئيءَ جي زباني چوي ٿو تہ: ڪيچ مڪران کان پنهونءَ جو قافلو ڀنڀور ۾ پهتو آهي، جنهن ۾ نهايت اعليٰ نسل جي سهڻن اٺن جون قطارون آهن. قافلي جي جتن پنهنجي اٺن کي تمام گهڻي لاڏ ڪوڏ سان سينگاريو ۽ سنواريو آهي. قافلي ۾ شامل ڪيچ جي شهزادي پنهونءَ ۽ سندس سٺ جي ماڻهن جي لوڏ ۽ هلت چلت بہ شان واري آهي. مطلب تہ سسئي،پنهون ۽ ان سان واڳيل هر شيءِ کي سڀ کان بهتر سمجهي ٿي.

## بيت: 2

**سُتينءَ سنجهي ئي، منهن ويڙهي مُٺَنِ جِيئن،**
**اوجاڳو اَکين کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئي،**
**هَٿان تو پيئي، ٿِي کَچو ڪيچين کي ڪَرين!**

| | | | |
|---|---|---|---|
| **ويڙهي:** | ڍڪي | **هٿان:** | پاڻ کان، پنهنجي هٿان |
| **سنجهي ئي:** | رات کان اڳ، سنجها جي وقت، جلدي | **کَچو:** | ڪوڙو، ڏوهاري، قصور وار |
| | | **ڪيچي:** | ڪيچ وارا |
| **اوجاڳو:** | جاڳڻ جو عمل | **ڄاتوءِ:** | توڄاتو، تو سمجهيو |

بيت جي سمجهاڻي

**هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ سسئي پنهونءَ واري داستان مان چيل ”سر ڪوهياريءَ“ مان چونڊيو ويو آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ سسئي رات جي پهرئين پهر ۾ ئي منهن ويڙهي مٺلن وانگر سمهي رهي. هن پنهنجي محبوب لاءِ اکين کي اوجاڳو ڪرڻ سيکاريو ئي نہ هو. اُن ننڊ جي ڪري ئي سسئيءَ جا ڏير هن وٽان پنهونءَ کي رات جو چوريءَ کڻي هليا ويا. ڏوهہ سسئيءَ جو هو. جو محبوب مڙس جو اوسيئڙو ۾ انتظار نہ ڪيائين، پر هوءَ وري ڏوهہ پنهونءَ جي مائٽن کي ٿي ڏئي.**

**مطلب تہ بي وقت ننڊ اهڙي بري عادت آهي، جو انسان کان منزل ۽ مقصد واري گهڙي وڃائي ٿي ڇڏي.**

بيت: 3

## تتيءَ ٹَڏيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ ويهَڻ جي،
## مَتان ٿئي اُونداهه، پير نه لَهين پِرينءَ جو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| تتيءَ: | گرميءَ ۾ | اونداهه: | انڌيرو، رات |
| ٿڏيءَ : | سردي، ٿڌ ۾ | پير : | نشان، پيرا، قدم |
| ڪاهِ: | هل، ڪاهيندو وڃ | لَهين: | ڳولين، لهين |
| ويلَ: | وقت | پرين: | محبوب، دوست |

بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ سسئي پنهونءَ جي داستان بابت چيل ”سرحسينيءَ“ مان چونڊيو ويو آهي. شاهه سائينءَ فرمايو آهي ته انسان کي گهرجي ته موسم کهڙي به هجي، ٿڌي هجي يا ڪوسي، پوءِ به محنت ڪندو رهي ۽ هر حال ۾ پنهنجي مقصد تان هٿ نه کڻي. هن بيت ۾ شاهه سائين نصيحت ڪندي چوي ٿو ته سسئي تنهنجي لاءِ ڪو وقت ئي ڪونهي. گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ پنهونءَ پٺيان ڪاهيندي وڃ، جيستائين ڏينهن آهي، تيسين تون پنهونءَ جو پيرا لهي سگهين ٿي، پر جڏهن اونداهه ٿيندي ته پوءِ پنهونءَ جي پيرن جا نشان ڏسڻ ۾ ڪونه ايندئي. مطلب ته انسان کي هر وقت ڪم ڪرڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. وقت گذرڻ کان پوءِ ڪو به ڪم يا قدم لاڀائتو نٿو ٿئي.

## مشق

سوال:

1. **ڪيچ مڪران کان آيل پنهونءَ جي قافلي ۾ ڪير ڪير شامل هو؟**
2. **سسئيءَ کي شاهه صاحب ڪهڙي نصيحت ڪئي آهي؟**
3. **سسئيءَ ڪهڙي غلطي ڪئي، جو پنهونءَ کان جدا ٿيڻو پيس؟**

نوٽ: **ڏنل بيتن مان قافين وارا ڪجهه لفظ لکجن ٿا. توهان ڪجهه وڌيڪ قافين وارا لفظ ڳولي لکو؟**

| | | |
|---|---|---|
| (1) **توڏ** | (2) ................ | (3)................ |
| (4) **ڏيئي** | (5) ................ | (6)................ |
| (7) **ڪاهه** | (8) ................ | |

نوٽ: **سسئيءَ جي ڪردار تي مختصر نوٽ لکو؟**